# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2011

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 2011

# سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي بحالي) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH (REPEAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 2001 AND REVIVAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 1979) ORDINACE, 2011

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي بحالي
Revival of Sindh Ordinance No.XII of 1979

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. محفوظ ڪرڻ

Saving

5. رنڊڪ هٽائڻ

Removal of difficulty

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 2011

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 2011

## سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي بحالي) آرڊيننس، 2011

## THE SINDH(REPEAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 2001 AND REVIVAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 1979) ORDINACE, 2011

[09 جولاءِ، 2011]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) کي منسوخ ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) کي بحال ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) کي منسوخ ڪرڻ ۽

سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) کي بحال ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. هن آرڊيننس کي سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 کي بحال ڪرڻ) آرڊيننس، 2011 سڏيو ويندو.<br>(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي بحالي<br>Revival of Sindh Ordinance No.XII of 1979 | 2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) کي ان جي اصلوڪي حالت جيئن اهو 05.08.2001 تي هيو، ان حالت ۾ فوري طور بحال ڪيو ويو آهي، جيئن اهو منسوخ ڪيو ئي نه ويو هيو. |

**2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي منسوخي**
**Repeal of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001**

3. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) کي فوري طور منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**محفوظ ڪرڻ**
**Saving**

4. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) جي منسوخي تائين ڪيل سمورا حڪم (بشمول قاعدن، باءِ لاز، ضابطن ۽ نوٽيفڪيشنز جي ۽ ٻين قانوني دستاويزن جي)، ڪيل ڪارروائين، ڪيل مقررين، ڪنهن اٿارٽي يا ڪنهن شخص طرفان ڪنيل قدمن، جيڪي ڪيا ويا هيا، ڪنيل يا ڪيل، يا ڪرڻا هيا، يا ان سلسلي ۾ ڪٽڻا يا ڪرڻا هيا، آگسٽ، 2001 جي ڇهين ڏينهن تائين ۽ تاريخ تائين جنهن ڏينهن هي ايڪٽ لاڳو ٿيو (ٻنهي ڏينهن سميت)، لاڳو رهندا، جيستائين وڏي وزير يا سندس طرفان بااختيار بڻايل اٿارٽي يا عملدار طرفان تبديل، منسوخ يا ترميم ڪيا وڃن.

**رنڊڪ هٽائڻ**
**Removal of difficulty**

5. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي تہ وڏو وزير سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿو

جيڪي رڪاوٽ ڪي هٽائڻ لاءِ لازمي يا ضروري هجن.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**